SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 2010
# SINDH ACT NO.VII OF 2010
# سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) ايڪٽ، 2010
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ACT, 2010

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 179_A جي ترميم
Amendment in Section 179_A of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001
3. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2010
# SINDH ACT NO.VII OF 2010
## سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) ايڪٽ، 2010
## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ACT, 2010

[14 اپريل 2010]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) ايڪٽ، 2010 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 179_A جي ترميم
Amendment in Section 179_A of Sindh Ordinance No.XXVII of

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي دفعه _179 A ۾:

(i) ذيلي دفعه (3) ۾، لفظن "مڪاني حڪومتون" کانپوءِ لفظ "۽ ڪائونسلز" شامل ڪيا ويندا.

(ii) ذيلي دفعه (5) ۾، شقن (a) ۽ (b) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

(a) مڪاني حڪومتن ۽ ڪائونسلز جي تحليل ٿيڻ تي حڪومت پنجهتر ڏينهن جي اندر چيف اليڪشن ڪمشنر کي مڪاني حڪومتن جون چونڊون ڪرائڻ لاءِ درخواست

| | |
|---|---|
| 2001 | ڪندي؛<br>(b)مڪاني حڪومتن جون چونڊون هن ترميم يا نئين نفاذ تحت ٿينديون، جيڪڏهن ڪو نئون قانون پاس نہ ٿو ڪيو وڃي تہ چونڊون هن ترميم مطابق ڪرايون وينديون. هر حالت ۾ حڪومت 165 ڏهاڙن جي اندر اندر شق (a) جي روشنيءَ ۾ چونڊن ڪرائڻ کي يقيني بڻائيندي. |
| منسوخي<br>Repeal | 3.سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) آرڊيننس، 2010 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. |
| | **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |